هفتيوار رسالو

# حضرتِ اميرِ مُعاويہ رضي الله عنه

- مولا علي جي خاندان ۾ امير معاويہ جو نالو
- پهريون اسلام جو بادشاھ
- حضرتِ امير مُعاويہ رضي الله عنه جا آخري الفاظ
- مولا علي رضي الله عنه جنگ ۾ حق تي هئا




شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامہ مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# حضرتِ امير مُعاوِيَہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ (1)

دعاءِ عطار: يارب كريم جيكو بہ هي رسالو ”حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي پنهنجي سيني کان آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيني اصحابن ۽ اهلبيت عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو احترام ڪرڻ وارو ٻڻاءِ ۽ ان جي ماءُ پيءُ سميت بي حساب بخشش فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## 100 ضرورتون پُوريون ٿينديون

## (دُرودِ شريف جي فضيلت)

عظيم تابعي بزرگ، ساداتِ ڪرام جا سردار، حضرت سيدنا امام جعفر صادق رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه، حضرت سيدنا جابر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان مرفوعاً روايت ڪن ٿا تہ جنهن الله پاڪ جي آخري نبي محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ سندن اهلِ بيت تي سو (100) ڀيرا درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان جون سو (100) ضرورتون پوريون فرمائيندو، جن مان ستر (70) آخرت جون هونديون.

هن حديث پاڪ تي عمل ڪرڻ جي لاءِ درود شريف جا جيڪي

1 ... هي رسالو 22 رَجَب شريف 1445 ۽ 1446 هجري تي عُرسِ سيدنا امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي موقعي تي ٿيڻ واري اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي بيان ۽ 25 رجب شريف 1446 هجري تي دَستارِ فضيلت جي موقعي تي ٿيڻ واري مدني مذاڪري مان مواد جمع ڪري رسالو تيار ڪيو ويو آهي.

الفاظ شيخ سَجاعِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ مرتب فرمائي هن حديث پاڪ جي حاشيي ۾ اُمّت جي آسانيءَ لاءِ لکيا آهن، اُهي هِي آهن:

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِ سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اَھۡلِ بَیۡتِہٖ۔

(افضل الصلواة علي سيد السادات، ص: 67)

اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي مشهور سلام ”مصطفٰے جانِ رحمت پہ لاکھوں سلام“ ۾ اهلِ بيت جي متعلق تمام پياري انداز ۾ سلام پيش ڪيو آهي:

پارہائے صُحُف غُنچہائے قُدُس — اہلِ بیتِ نُبوّت پہ لاکھوں سلام
خونِ خَیرُ الرُّسُل سے ہے جن کا خَمیر — اُن کی بے لوث طِینَت پہ لاکھوں سلام
اور جتنے ہیں شہزادے اُس شاہ کے — اُن سب اہلِ مکانَت پہ لاکھوں سلام
اُن کی بالا شَرافت پہ اعلیٰ دُرود — اُن کی والا سیادت پہ لاکھوں سلام

(حدائقِ بخشش،ص309،314)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# سيد بادشاهه جو فيصلو

پيرِ طريقت، رهبرِ شريعت، حضرت سيد محمد باقر علي شاهه صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ (سجاده نشين آستانهءِ عاليه ڪَيلَيانوالا شريف) فرمائن ٿا ته: ”جيڪو ماڻهو سيدنا امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي شان ۾ نقص ڪڍڻ وارو هوندو آهي، الله پاڪ ان کي ولايت عطا نه ڪندو آهي.“ هڪ پيري مجلس ۾ حاضر ماڻهن سان پنهنجو هڪ واقعو هيئن بيان فرمايائون: هڪ ڏينهن 10 وڳي ڪنهن شخص سان ڳالهه ٻولهه دوران مون چيو ته امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ، حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ سان جيڪو مقابلو ڪيو هو، ان ۾ انهن تمام گهڻي زيادتي ڪئي هئي، صرف

ايترو چوڻ سان ئي منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ مون امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي باري ۾ غلط لفظ چيا آهن، ان وقت ئي منهنجو روحاني فيض بند ٿي ويو، سڄو ڏينهن پريشانيءَ ۾ گذريو. جڏهن رات ٿي ۽ مان سُتس تہ خواب ۾ مون پنهنجي پراڻي اوطاق (Sitting room) ڏٺي، منهنجي والدِ ماجد حضرت خواجہ نور الحسن شاهہ صاحب خليفۂ مجاز حضرت شيرِ رباني قبلا ميان شير محمد شرقپوري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیہ سڄي زندگي هن ئي بيٺڪ شريف ۾ روحاني سلسلو جاري رکيو ۽ هتي ئي وصال فرمايو هو. خواب ۾ ئي ڪنهن اوطاق جو دروازو کڙڪايو، جڏهن ئي دروازو کوليم تہ اوچتو حضور نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اندر تشريف کڻي آيا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پويان حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ۽ انهن جي پويان حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هئا. ٽئي حضرات ايئن ويٺا هئا جو حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ساڄي پاسي حضرت علي ۽ امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا هئا. حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ خاموش هئا، حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ناراض ٿيندي مون کي ارشاد فرمايو: ”جهيڙو منهنجو ۽ امير معاويہ جو هو، توکي ان ۾ دخل اندازي ڪرڻ جو حق ڏنو آهي؟“ پاڻ اِهو جملو ٽي دفعا دُهرايائون. مون ڪانئن معافي گهري پر ڪوبہ جواب نہ مليو، پوءِ ٽئي ڄڻا تشريف وٺي ويا. هن واقعي کانپوءِ ڇهن مهينن تائين حضرت قبلا ميان صاحب شرقپوري رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ۽ منهنجي والد ۽ مرشد سرڪارِ ڪيليانوالا شريف رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي زيارت نصيب نہ ٿي ۽ هر قسم جو روحاني فيض بند رهيو، ايستائين جو حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿي ۽ فيض جو سلسلو ٻيهر جاري ٿي ويو.

(دُشمنانِ امير معاويہ کا علمی محاسبہ، 380/1 بتغيرِ قليلِ)

اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! هن واقعي مان بزرگن جي عاجزي

ظاهر ٿئي ٿي، ڇو تہ اسان کان جيڪڏهن ڪا اهڙي غلطي ٿي وڃي تہ اسان ڪنهن کي نہ ٻڌائيندا آهيون. هي الله وارن جو شان آهي ۽ هي بہ معلوم ٿيو تہ الله وارا پنهنجي خطا تي قائم نہ رهندا آهن، جيڪڏهن ڪنهن وليِ الله کان ڪا غلطي ٿي وڃي يا ڪو گناهہ بہ ٿي وڃي (ڇو تہ انهن کان گناهہ ٿي سگهي ٿو، اهي معصوم نہ هوندا آهن) تہ اُهي ان تي قائم نہ رهندا آهن، بلڪ توبهہ ڪري وٺندا آهن. الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

وہ جس سے رُوٹھ جائیں تو رسول اُس سے رُوٹھ جائیں
نبی سے اس طرح کی ہے قَرابتِ معاویہ

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ علىٰ مُحَمَّد

## حضرت امير معاويہ رضی اللّٰہ عنہ جو تعارف

صحابيءِ نبي، ڪاتبِ وحي (يعني وحي لکڻ وارا)، اسلامي حڪومت جا پهريان بادشاهہ حضرت سيدنا امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو مبارڪ نالو "**مُعاويہ**" ۽ ڪُنيت "**ابو عبد الرحمٰن**" آهي. سندن لقب "نَاصِرٌ لِدِيۡنِ الله" (الله جي دين جو مددگار) ۽ "نَاصِرٌ لِحَقِّ الله" (الله پاڪ جي حق جو مددگار) آهي.

(تاريخ الخميس: 291/2، سير اعلام النبلاء: 285/4)

## مولا علي جي خاندان ۾ مُعاويہ نالو

الحمد لله! اسان ڪي سيني صحابہ ۽ اهلِ بيت رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم سان پيار آهي، نہ صرف ايترو پر اسان انهن سان تعلق رکڻ واري هر هڪ شيءِ سان بہ محبت ڪندا آهيون. حضرت سيدنا امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي

نالي جي باري ۾ ڪجھ دلچسپ ڳالهيون پڙهو ۽ جهومو:

شارح بخاري حضرت علامہ بدر الدين عيني حنفي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ ”مُعاويہ“ نالي وارا 20 ڪان وڌيڪ صحابہ ڪرام ٿي گذريا آهن. (عمدة القاري: 69/2) ڪيترن ئي تابعينِ ڪرام رَحِمَھُمُ اللّٰہُ جو نالو بہ ”مُعاويہ“ هو، پر مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي خاندان ۾ بہ هي نالو موجود هو، جيئن تہ چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي محترم ڀاءُ حضرت سيدنا جعفر طيار رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي هڪ پٽ جو نالو عبداللّٰه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ آهي جيڪو پاڻ بہ صحابيءِ نبي آهي، ان جي پٽ جو نالو ”مُعاويہ“ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هو. (انساب الاشراف للبلاذري: 319/2)

ہم نے تو دیکھنی ہے فقط نسبتِ نبی ہے اُن کے قُرب والوں میں نامِ معاویہ

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سيدنا امير مُعاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي والدين جو اسلام قبول ڪرڻ

صحابيءِ نبي، ڪاتبِ وحي، حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جا والدِ محترم حضرت ابو سفيان رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ۽ سندن والده حضرت بيبي هند رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا سن (8 هجري) فتحِ مڪہ جي موقعي تي اللّٰه جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ اسلام قبول ڪيو.

(زرقاني علي المواهب: 440/2)

سُبۡحٰنَ اللّٰہ! حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جا والد صحابي، والده صحابيہ ۽ هڪ ڀيڻ حضرت اُمِ حبيبہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زوجيت ۾ هيون انهن کي اُمُ المومنين هجڻ جو شرف حاصل آهي.

الله پاڪ انهن جون برڪتون اسان سڀني مسلمانن کي نصيب فرمائي.

اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# حضرتِ معاويہ! جنتي جنتي

منهنجي آقا اعليٰ حضرت امام اهل سنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ امام ابنِ جوزي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ جي ڪتاب "اَلۡعِلَلُ الۡمُتَنَاهِيَة" تي پنهنجي تعليقات ۾ بخاري شريف جي هڪ صحيح حديث مان حضرت سيدنا امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي فضيلت ۽ سندن جنتي هئڻ بيان ڪيو آهي. پاڻ لکن ٿا تہ الله پاڪ جي توفيق سان چوان ٿو تہ الله پاڪ پنهنجي احسان ۽ ڪرم نوازي سان مون کي اهڙي حديث بابت مطلع ڪيو جيڪا حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي جنتي هجڻ جي شاهدي ڏئي رهي آهي. جيئن تہ صحابيہ حضرت اُمّ حرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون تہ: مون نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو تہ: منهنجي امت جو پهريون لشڪر جيڪو سمنڊ ۾ جنگ ڪندو، انهن (جنت) واجب ڪري ورتي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهَا فرمائن ٿيون مون عرض ڪيو تہ يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڇا مان بہ انهن ۾ آهيان؟ غيب جي خبر ڏيڻ واري پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو ها، تون بہ انهن ۾ آهين.

(بخاري،288/2،حديث: 2924)

منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ هيءَ حديث پاڪ لکڻ کان پوءِ فرمائن ٿا تہ هيءَ ڳالهہ ثابت آهي تہ اُها جنگ مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي دور ۾ حضرت مُعاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي نگراني ۾ ٿي هئي (عمدة القاري: 242/10، تحت الحديث: 2924)، ان مان ثابت ٿيو تہ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ انهن ماڻهن مان آهن جن جي لاءِ جنت واجب ٿي ۽

سندن شان اهو آهي تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ان لشڪر جا امير (يعني سپهہ سالار) هئا.

(تعليقات امام اہل السنت علی العلل المتناہیۃ، ص: 5، مخطوط)

# اسلام جا پهريان بادشاهہ

امامِ اهلِ سنت اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ حضرت امير مُعاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پهريان مُلوڪِ اسلام ۽ سلطنتِ محمديہ جا پهريان بادشاهہ آهن، ان ڳالهہ ڏانهن ئي توريت شريف ۾ اشارو آهي تہ: ”مَوْلِدُهٗ بِمَكَّةَ، وَمُهَاجَرُهٗ بِطَيْبَةَ، وَمُلْكُهٗ بِالشَّامِ“ يعني اُهو آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مڪي ۾ پيدا ٿيندو ۽ مديني ڏانهن هجرت ڪندو ۽ ان (آخري نبي) جي سلطنت شام ۾ هوندي. (المستدرک: 526/3، حدیث: 4300 ملتقطاً) (پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ظاهري طور تي شام ۾ بادشاهت نہ فرمائي هئي، امامِ اهلِ سنت وڌيڪ فرمائن ٿا تہ) تنهنڪري امير معاويہ (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ) جي بادشاهي جيتوڻيڪ سلطنت آهي پر ڪنهن جي؟ محمد رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي. (فتاويٰ رضويه: 29 / 357)

مسلمِ الثُّبوت ہے فضیلتِ معاویہ عَیاں ہے شَمس کی طرح کرامتِ معاویہ

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# يا اِلٰهي امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي محبت ۾ جيئڻ مرڻ نصيب فرماءِ

صحابيءِ نبي، ڪاتبِ وحي، حضرتِ امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي شان ۾ ٽين صدي کان وٺي هن وقت تائين عرب ۽ عجم جي ڪيترن ئي وڏن

وڏن عالمن سڳورن ڪتاب لکيا، ڪروڙين حنبلين جي امام، حضرت امام احمد بن حنبل رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ دعا گھري تہ: الله پاڪ اسان کي حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي محبت ۾ موت عطا ڪري.

(شذرات الذهب في اخبار من ذهب: 270/1)

امام احمد بن حنبل رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ چئن مشهور مُجۡتَهدين (1) مان هڪ آهن، انهن جي پيروڪارن کي حنبلي چيو ويندو آهي، اُهي حضرت امير مُعاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي محبت ۾ الله پاڪ کان دعا ڪري رهيا آهن تہ الله پاڪ اسان کي حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي محبت ۾ موت عطا ڪري. (يعني زندگي تہ انهن جي محبت ۾ گذاري ئي رهيا هئا، پر انهن جي محبت ۾ انتقال ڪرڻ جي بہ ڪين تمنا هئي سُبۡحٰنَ الله!)

حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”اَلۡمَرۡءُ مَعَ مَنۡ اَحَبَّ“ يعني جيڪو جنهن سان محبت ڪندو آهي، ان جو حشر انهيءَ سان ٿيندو. (ترمذي: 172/4، حديث: 2392 ملتقطاً) هر هڪ نبي جي صحابيءَ ۽ اهلِ بيتِ اطهار جي هر هڪ فرد سان محبت هئڻ گهرجي، الله پاڪ انهن جي محبت ۾ اسان کي ايمان ۽ عافيت سان مديني ۾ جامِ شهادت نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...مُجۡتَهد اهو هوندو آهي جنهن ۾ ايتري قدر علمي لياقت ۽ قابليت هجي جو قرآني اشارن ۽ رازن کي سمجهي سگهي ۽ ڪلام جي مقصد کي سُڃاڻي سگهي ۽ ان مان مسئلا ڪڍي سگهي. ناسخ ۽ منسوخ جو پورو پورو علم رکندو هجي. علمِ صرف و نحو ۽ بلاغت وغيره ۾ ڪيس مڪمل مهارت حاصل هجي. احڪامن جي سمورين آيتن ۽ حديثن تي ان جي نظر هجي. (اعلیٰ حضرت سے سوال جواب ، ص 44)

# مسلمانن جي عزت جي حفاظت ڪرڻ جي فضيلت

صحابيءِ نبي حضرت ابودرداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مون رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو تہ ”جنهن پنهنجي ڀاءُ جي عزت بچائي الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن دوزخ جي باھ کان بچائيندو، ان کان پوءِ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هيءَ آيتِ مبارڪ تلاوت فرمائي:

﴿وَ كَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ الْمُؤْمِنِيْنَ۝۴۷﴾ (پارو: 21، سورة الروم: 47)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ مسلمانن جي مدد ڪرڻ اسان جي ذمي ڪرم تي آهي. (شرح السنة: 6 / 494، حديث: 3422)

هن حديث پاڪ جي شرح ۾ حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا تہ: اِهو فرمانِ عاليشان تمام عام آهي، جو ڪو بہ ڪنهن مسلمان جي آبرو (يعني عزت) ڪهڙي بہ طرح بچائي، چاهي ان جي سامهون يا ان جي پرپُٺِ (يعني ان جي غير موجودگي ۾) تہ الله پاڪ ان کي دوزخ جي باھ کان بچائيندو ”مسلمان جي عزت الله پاڪ کي تمام گهڻي پياري آهي.“

**دوستو!** اڄڪلھ صحابہ ڪرام تي تمام گهڻي طعن (تنقيد) ٿي رهي آهي (يعني انهن سڀڻن کي برو پلو چوندڙ ماڻهو پيدا ٿي ويا آهن)، اُتو! ۽ اُنهن (صحابہ ڪرام) جي عظمتن جا نعرا لڳايو ۽ پوءِ ڏسو تہ رب تعاليٰ ۽ ان جي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاھ مان ڪهڙا ڪهڙا انعام ملن ٿا، انهن حضرات (يعني صحابہ ڪرام) جي حمايت ۾ ڪتاب لکڻ، تقريرون ڪرڻ، سندن فضيلتن متعلق آيتون ۽ حديثون شايع (يعني پرنٽ) ڪرڻ اِهي سيئي طريقا قربِ الٰهي (يعني الله پاڪ جي ويجهو ٿيڻ) جو ذريعو آهن.

(ان کان پوءِ مفتي صاحب عاجزي طور پاڻ کي فقير ڪوٺيندي

فرمائن تا تہ) فقير هڪ رسالو ”**حضرت امير مُعاويہ (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ) تي هڪ نظر**“ لکيو آهي، جنهن ۾ حضراتِ صحابہ خاص ڪري جنابِ امير مُعاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جي فضيلتن بابت حديثون ۽ آيتون گڏ ڪري سندن فضائل بيان ڪيا آهن، هيءَ ننڍڙي خدمت هِن فرمانِ عاليشان (يعني جيڪا حديث پاڪ مسلمان جي عزت جي متعلق مٿي بيان ڪئي وئي آهي) جي برڪت سان قبول ٿي وڃي ۽ رب تعاليٰ منهنجي خطائون معاف فرمائي. (مرآة المناجيح: 569/6)

# مفتي صاحب کي واھ جو بدلو مليو

حضرت الحاج مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ صحابيءِ نبي، ڪاتبِ وحي حضرت امير مُعاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي عظمت ۽ شان تي قرآني آيتن ۽ احاديثِ مبارڪہ تي مشتمل جيڪو مبارڪ ڪتاب نالي ”**امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ تي هڪ نظر**“ لکيو آهي، اِهو مختصر ۽ تمام ايمان افروز ڪتاب آهي، هر هڪ کي پڙهڻ گهرجي، ان شاءالله پڙهڻ سان ايمان تازو ٿي ويندو. مفتي احمد يار خان صاحب رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ دلائل جا بادشاھ آهن، الله پاڪ انهن تي ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي! اُهي سنين جا تمام وڏا محسن آهن، مفتي صاحب کي هن ڪتاب جي اهڙي تہ برڪت ملي جو بس ڪمال ٿي ويو، جيئن تہ سيرت نگارن لکيو آهي تہ مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ کي بارگاھِ رسالت مان حضرتِ امير مُعاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي باري ۾ ڪتاب لکڻ تي ايترو تہ شاندار انعام مليو جو اسان جي پياري پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي پنهنجي هن پياري صحابي جي شان ۽ عظمت بيان ڪرڻ تي تمام گهڻي خوشي ٿي، پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم خواب ۾ تشريف فرما ٿي مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ کي ارشاد فرمايو: ”تو منهنجي

صحابيءَ جي عزت بچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، الله پاڪ تنهنجي عزت بچائيندو.“ (حالاتِ زندگي حڪيم الامت، ص: 127 ملخصاً)

ليتا ہوں اس ليے تو ميں نامِ معاويہ　　ميں ہوں غلام اِبنِ غلامِ معاويہ

اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! بدقسمتيءَ سان اڄ هِن فرمانِ عاليشان: ”جنهن پنهنجي ڀاءُ جي عزت بچائي الله پاڪ ان ڪي قيامت جي ڏينهن دوزخ جي باهه کان بچائيندو.“ تي عمل تمام گهٽ ٿي رهيو آهي. اسان جي سامهون ڪنهن جي برائي ٿي رهي هوندي آهي تہ برائي ڄاڻڻ جي باوجود اسان برائي ٻڌي ان جي تائيد ۾ ڪَنڌُ لوڏي رهيا هوندا آهيون. جڏهن ڪنهن مسلمان جي غيبت ٿي رهي هجي جيڪڏهن ممڪن هجي ۽ ڪنهن طرح جو فساد پيدا ٿيڻ جو انديشو نہ هجي تہ ان مسلمان جي عزت بچائڻ گهرجي ۽ جيڪو غيبت ڪري رهيو آهي ان کي روڪڻ گهرجي. هن ۾ اسان جي لاءِ وڏو فائدو آهي تہ جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي عزت بچائيندو الله پاڪ ان کي دوزخ جي باهه کان بچائيندو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ٻهريان فضائلِ مُعاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پڙهائيندا هئا

ٽين صدي هجري جي تمام وڏي عالم، حضرت امام ابوعمر محمد بن عبد الواحد بغدادي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي خدمت ۾ تمام گهڻا ماڻهو ديني علم حاصل ڪرڻ ۽ علمي ڳالهيون سکڻ جي لاءِ حاضر ٿيندا هئا. پاڻ صحابيءِ رسول حضرتِ امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي فضائل تي مشتمل احاديثِ مبارڪ گڏ ڪري هڪ ڪتاب تيار ڪيو هئائون، جيڪو بہ انهن وٽ ديني علم سکڻ جي لاءِ حاضر ٿيندو هو، پاڻ ان کي سڀ

کان پهريان حضرتِ امير معاويہ (رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ) جي فضائل وارو ڪتاب پڙهائيندا هئا ان کان پوءِ ڪيس اهو علم سيکاريندا هئا جنهن کي سکڻ لاءِ هُو حاضر ٿيندو هو. (تاريخِ بغداد: 160/3)

الله رب العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# جهنم جو حقدار

صاحبِ بهارِ شريعت، حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد اَمجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه لکن ٿا: جنهن جو مفهوم ۽ خلاصو ڪجهه هن ريت آهي تہ جيڪو شخص ڪنهن بہ صحابي (رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ) جي باري ۾ بدعقيدگي جو اظهار ڪندو آهي، دل ۾ ان جي لاءِ برو عقيدو يا نظريو رکندو آهي تہ اهو ”معاذ الله“ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بغض رکندو آهي. توڙي جو چئني خليفن کي مڃڻ وارو ۽ پاڻ کي سني چورائڻ وارو ڇو نہ هجي. (الله پاڪ اسان کي ان کان پهريان ايمان تي دنيا مان گهرائي وٺي جو ڪنهن صحابي يا اهلِ بيت (رَضِیَ اللهُ عَنۡهُم) جي باري ۾ اسان جي دل ۾ ڪا بري ڳالهه جنم وٺي.)

وڌيڪ فرمائن ٿا تہ سيئي صحابہءِ ڪِرام اعليٰ و ادنيٰ (۽ انهن ۾ ادنيٰ ڪوبہ نہ آهي) جنتي آهن، اهي دوزخ جو هلڪو آواز بہ نہ ٻڌندا ۽ هميشہ پنهنجي دل گهري مُرادُن ۾ رهندا، محشر جي اها وڏي گهبراهٽ کين غمگين نہ ڪندي، ملائڪ سندن استقبال ڪندا تہ هيءُ ئي اُهو ڏينهن آهي جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويو هو، هي سڄو مضمون قرآن پاڪ جو ارشاد آهي. الله پاڪ ”سورت حديد“ ۾ صحابہ جا بہ قسم بيان ڪندي فرمايو آهي:

﴿ كُلًّا وَّعَدَ اللّٰهُ الْحُسْنٰى ﴾ (پارو: 27، الحديد: 10)

**ترجمو كنزالعرفان:** ۽ انهن سڀني سان الله سڀ کان سٺي شيءِ جو واعدو فرمايو آهي. (بهارِ شريعت: 254/1، حصه: ملتقطاً)

جڏهن هر هڪ صحابي سان ڀلائيءَ جو واعدو ڪيو ويو آهي ته پوءِ واضح ڳالهه (*Understood*) آهي ته ڀلائيءَ جي واعدي ۾ دوزخ جو عذاب ته شامل ٿي نه ٿو سگهي ڪين جنت ئي ملندي. اُن ڪري ئي اسان جو نعرو آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیِ نبی! | جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! | جنّتی جنّتی |
| چار یارانِ نبی | جنّتی جنّتی | حضرتِ صدّیق بھی | جنّتی جنّتی |
| اور عمر فاروق بھی | جنّتی جنّتی | عثمانِ غنی | جنّتی جنّتی |
| فاطمہ اور علی | جنّتی جنّتی | ہیں حَسَن حُسین بھی | جنّتی جنّتی |
| والدینِ نبی | جنّتی جنّتی | ہر زوجۂ نبی | جنّتی جنّتی |
| اور ابوسُفیان بھی | جنّتی جنّتی | ہیں معاویہ بھی | جنّتی جنّتی |

(وسائلِ فردوس: ص: 53)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مولىٰ علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي تعريف (واقعو)

ڪاتبِ وحي، صحابيءِ نبي جناب حضرت امير معاويه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي بارگاهه ۾ هڪ شخص مسئلو پڇيو ته پاڻ فرمايائون: حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان پڇو اهي مون کان وڌيڪ ڄاڻيندا آهن، ان شخص عرض ڪيو: مون کي اوهان جو جواب حضرت علي جي جواب کان وڌيڪ پسند آهي. پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: تو تمام خراب ڳالهه ڪئي آهي، ڇا

تون ان هستيءَ کي ناپسند ڪرين ٿو جنهن جي علم جي نبيءِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم عزت فرمائيندا هئا ۽ بيشڪ حضورِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي (يعني حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي) فرمايو تہ: توکي مون سان اُها نسبت آهي جيڪا هارون عَلَیۡہِ السَّلَام کي موسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام سان هئي، پر لَانَبِیَّ بَعۡدِی يعني مون کان پوءِ ڪو بہ نبي نہ آهي.

(فضائل الصحابه لامام احمد بن حنبل، ص: 840، حديث: 1153)

آلِ اَطہار کے میں گیت ہمیشہ گاؤں — خوش رہے مجھ سے تِری آل مدینے والے

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب — صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلِ بيت! يقيناً صحابہ ۽ اهلِ بيت رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جو ادب ۽ احترام اسان جي دين ۽ ايمان جو حصو آهي ۽ انهن هستين جي غلامي ٻنهي جهانن ۾ سعادت آهي. اهي سڀورا ربِ ڪائنات جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اکين جا تارا آهن. الله رب العزت اسان کي سندن نقشِ قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

آل و اَصحابِ نبی سب بادشہ ہیں بادشاہ — میں فَقَط اَدنٰی گدا اصحاب و اہلِ بیت کا

میری جھولی میں نہ کیوں ہوں دوجہاں کی نعمتیں — میں ہوں منگتا میں گدا اصحاب و اہلِ بیت کا

(وسائلِ فردوس، ص: 35)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب — صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو شان سيدنا عبدالله بن مبارڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي زباني

عظيم تابعي بزرگ حضرت عبدالله بن مبارڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي

بارگاهه ۾ هڪ شخص عرض ڪيو: حضرت امير مُعاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بهتر آهن يا حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ؟ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ارشاد فرمايو: الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ (غزوه ۾) شريڪ حضرتِ امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي گهوڙي جي نڪ ۾ داخل ٿيڻ واري دَڙَ (يعني مٽي) به حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪان افضل آهي. (كتاب الشريعة للآجري: 5 / 2466)

# تابَعي جي صحابيءَ سان ڪهڙي پيٽ

حضرتِ مُعافيٰ بن عمران رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ڪان سوال ڪيو ويو ته حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ افضل آهن يا حضرت عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ؟ اِهو سوال ٻڌڻ سان ئي پاڻ ڪاوڙ ۾ اچي ويا ۽ سائل کي ارشاد فرمايائون: ڇا تون هڪ صحابيءَ کي تابعيءَ جهڙو سمجهين ٿو؟ حضرت معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ته نبيِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا صحابي، ساهُراڻا رشتيدار، ڪاتبِ وحي ۽ الله پاڪ جي طرفان عطا ڪيل وحي جا اَمين (يعني امانتدار) آهن.

(البداية والنهاية: 5 / 643)

يعني حضرت امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ايڏا وڏا قابلِ اعتماد صحابي آهن ۽ تون انهن کي هڪ تابعيءَ سان ملائڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهين ۽ هيءَ حقيقت آهي ته ڪو به وڏي ڪان وڏو تابعي يا ولي ڪنهن صحابي جو مرتبو نه ٿو ماڻي سگهي.

# ”صحابي“ ۽ ”تابِعي“ ڪنهن کي چوندا آهن

حضرت علامه حافظ ابن حجر عسقلاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا ته جن خوشنصيبن ايمان جي حالت ۾ الله پاڪ جي پياري نبي

صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان ملاقات ڪئي هجي ۽ ايمان تي ئي انهن جو انتقال بہ ٿيو هجي، اهڙن خوش نصيبن کي **”صحابي“** چوندا آهي.
(نزهة النظر في توضيح نخبة الفكر، ص: 111)

**”تابعي“** اُهي بزرگ آهن جن ايمان جي حالت ۾ ڪنهن صحابيءَ سان ملاقات ڪئي هجي ۽ سندن ايمان تي ئي خاتمو ٿيو هجي.
(نزهة النظر في توضيح نخبة الفكر، ص: 113)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

# هر طرح سان فضيلت ثابت آهي

حضرت علامہ عبدالعزيز پِرهاروي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ پنهنجي ڪتاب **”اَلنِّبراس“** ۾ لکيوآهي تہ حضرت سيدنا امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ قابلِ احترام صحابي آهن جيڪڏهن انهن کي ننڍو صحابي بہ مڃيو وڃي تہ بيشڪ سندن فضيلت انهن سيني احاديثِ مبارڪ مان ثابت آهي جيڪي تمام صحابہءِ ڪِرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم جي شان ۾ بيان ٿيون آهن. جڏهن تہ پاڻ اهڙا تہ عظيم صحابي آهن جن جي باري ۾ خاص حديثون بہ موجود آهن، جيئن الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هي فرمائڻ تہ: ”اَللّٰھُمَّ اجْعَلْهُ هَادِيًا مَهْدِيًّا،وَاهْدِ بِهٖ“ يعني اي الله پاڪ! معاويہ کي هادي (يعني هدايت ڏيڻ وارو) مهدي (يعني هدايت يافتہ) بڻاءِ ۽ ان جي ذريعي ماڻهن کي هدايت عطا فرماءِ.
(ترمذي، 5 / 455، حديث: 3868)

هڪ ٻئي مقام تي ناناءِ حسنين، رسولِ ڪونين صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اي الله پاڪ! معاويہ کي ڪتاب جو علم ۽ حساب سيکار ۽ ان کي عذاب کان بچاءِ!
(مجمع الزوائد، 9 / 594، حديث: 15917ـ النبراس، ص: 330)

| | | | |
|---|---|---|---|
| خائفِ کبریا | حضرتِ معاویہ | عاشقِ مصطفٰی | حضرتِ معاویہ |
| زاہد و پارسا | حضرتِ معاویہ | صاحبِ اِتّقا | حضرتِ معاویہ |
| ہو کرم ہو عطا | حضرتِ معاویہ | خاتِمہ ہو بَھلا | حضرتِ معاویہ |
| خوب رُو خوش اَدا | حضرتِ معاویہ | خوش نُما خوش لِقا | حضرتِ معاویہ |
| مُخلِص و باوَفا | حضرتِ معاویہ | باعمل بے رِیا | حضرتِ معاویہ |
| ہم دَمِ باوَفا | حضرتِ معاویہ | بااَدب باحیا | حضرتِ معاویہ |
| جنّتی بے شُبہ | حضرتِ معاویہ | باخدا باصَفا | حضرتِ معاویہ |

(وسائلِ فردوس، ص: 57)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

# صحابہءِ ڪِرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جي باري ۾ عقيدو

سيالوي سلسلي جا عظيم بزرگ حضرت خواجہ شمس الدين سيالوي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا تہ: جيستائين سيني صحابہءِ ڪِرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جي باري ۾ اعتقاد (يعني عقيدو) درست نہ ھوندو تيستائين ايمان ڪامل (Complete) نہ آھي.

(مرأت العاشقين (مترجم)، ص: 183)

اے خدائے مصطفٰی! ایمان پر ہو خاتمہ مَغفِرت کر! واسطہ اَصحاب و اہلِ بیت کا
یاالٰہی! شکریہ عطّارؔ کو تو نے کیا شعر گو، مِدحَت سَرا اصحاب و اہلِ بیت کا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

# حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي خلاف ھڪ لفظ

غَزاليءِ زمان حضرت علامہ سيد احمد سعيد ڪاظمي شاھ صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمايو آھي تہ مان حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي

خلاف هڪ لفظ بہ تصور ۾ نہ ٿو آڻي سگهان ۽ نہ ئي زبان سان چوڻ جائز سمجهان ٿو، اُهي صحابيءِ رسول آهن.

(خطباتِ ڪاظمي، 3/ 300)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## خواجہ غلام فريد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو فرمان

ڪوٽ مِٺن واري مشهور بزرگ حضرت خواجہ غلام فريد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو فرمان آهي تہ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ متقي (يعني پرهيزگار) ۽ اَڪابر صحابہ منجهان آهن، (انهن) جي حق ۾ بغض ۽ حسد رکڻ يا بدگماني ڪرڻ سراسر شقاوت (يعني بدبختي) آهي.

(اشاراتِ فريدي المعروف مقابيس المجالس، ص: 1016)

## صحابہ ۽ اهلِ بيت رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُم جي باري ۾ امير اهلِ سنت جي مدني سوچ

الله پاڪ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي مٿان ڪروڙين رحمتون نازل فرمائي ۽ اسان کي انهن جي وڏيڪ محبت عطا فرمائي. اي ڪاش! اسان سيني صحابہ ۽ اهلِ بيت رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُم جي محبت سان سرشار رهون، الله پاڪ اسان کي صحابہ ۽ اهلِ بيت جو ديوانو بڻائي ڇڏي، اسان ڪڏهن بہ انهن جي باري ۾ ڪا ڪمزور ڳالهہ پنهنجي زبان مان نہ ڪيون ۽ نہ ئي ٻڌون. جيڪڏهن ڪو شخص سنيون سنيون ڳالهيون ڪري رهيو هجي پر اسان کي خبر آهي تہ فلاڻي صحابي مثلاً حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي باري ۾ ان شخص جو عقيدو ڪمزور آهي يا هُو انهن جي معاذ الله برائي ڪندو

آهي تہ اهڙي شخص جي سنين ڳالهين کي بہ نہ ٻڌڻ گهرجي ڇوتہ اهڙن جو بيان ٻڌڻ حرام آهي. اعليٰ حضرت امامِ اهلِ سنت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جون ان بابت فتوائون موجود آهن. اَلحَمۡدُلله! اسان صحابہ ڪرام ۽ اهلِ بيت رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جا غلام بلڪ انهن جي غلامن جي غلامن جي غلامن جا غلام آهيون. صحابہ ۽ اهلِ بيت رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم اسان جي مٿي جا تاج آهن.

## تحفءِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

حضرت امير مُعاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو بہ ڇا شان آهي جو پاڻ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي وضو ڪرائيندا هئا، جيئن تہ ڪاتبِ وحي، حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو جڏهن آخري وقت آيو ۽ هُو دنيا مان تشريف وٺي وڃي رهيا هئا تہ فرمائڻ لڳا: رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي مان وضو ڪرائيندو هئس، هڪ ڏينهن الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي ارشاد فرمايو: ڇا مان توکي قميص نہ پارايان؟ مون عرض ڪيو: يا رسول الله! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تان قربان! ڇو نہ. جنهن تي حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ بدن تان قميص شريف لاهي مون کي پارائي ڇڏي. مون ان کي سنڀالي رکيو آهي ۽ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن پنهنجا نُنهَن مبارڪ **(Nail)** لاٿا (يعني پنهنجي مبارڪ آڱرين کان جدا ڪيا) تہ مون انهن کي بہ هڪ شِيشِيءَ ۾ محفوظ ڪري سنڀالي رکيو آهي، (حضرت امير معاويہ حاضرين کي فرمائڻ لڳا:) جڏهن منهنجو انتقال ٿي وڃي تہ رسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اُها ئي قميص مبارڪ منهنجي بدن سان ملائي ڇڏجو ۽ انهن مبارڪ نُنهَن کي پيهي منهنجي اکين ۾ وجهي ڇڏجو، ممڪن آهي تہ الله پاڪ انهن تبرڪات جي برڪتن سبب مون تي

رحم فرمائي.

(تاريخ ابن عساڪر، 59 / 227 ملخصاً)

# تبرڪ چاڪي چوندا آهن

سُبۡحٰن الله !”اها ڳالهہ ثابت آهي تہ تبرڪات (يعني نبي ڪريم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان منسوب شين) مان برڪتون حاصل ڪرڻ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡھُم جو طريقو رهيو آهي، هيءَ ڪا نئين شيءِ نہ آهي، تابوتِ سڪينہ جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ آهي، اُهو تبرڪات جو مجموعو هو، ان کي ساڻ کڻي ويندا هئا ۽ ان جي برڪت سان جنگ فتح ٿي ويندي هئي.

ڪنهن نبي، صحابي، ولي يا ڪنهن مبارڪ جاءِ جي جنهن شيءِ سان نسبت ٿي وڃي تہ اها تبرڪ (يعني برڪت واري) چورائيندي آهي. جيئن مديني پاڪ جي ڪجور ۽ اتان جي تسبيح وغيره. آبِ زم زم مڪي پاڪ جو خاص تبرڪ آهي، ڪنهن بزرگ جي ايصالِ ثواب لاءِ جيڪو نياز ورهايو ويندو آهي تہ ان بزرگ سان نسبت جي ڪري اهو تبرڪ سڏرائيندو آهي، محفلِ نعت ۽ ٻين خير ۽ ذڪر جي مجلسن ۾ جيڪا مٺائي ورهائي ويندي آهي ان کي بہ اسان تبرڪ چوندا آهيون ڇوتہ اِهي نسبت واريون شيون آهن.

# حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ جا آخري الفاظ

صحابيءِ نبي، ڪاتبِ وحي، حضرتِ سيدنا امير معاويہ رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ آخري وقت ۾ پنهنجي گهر وارن کي ڪجهہ هن ريت نيڪيءَ جي دعوت ڏني: ”الله پاڪ کان ڊڄندا رهو ڇو تہ جيڪو ان کان ڊڄندو آهي الله پاڪ ان کي پنهنجي امان (يعني حفاظت) ۾ رکندو آهي ۽

ان ڪان نہ ڏِجڻ وارن جي لاءِ ڪا بہ پناهہ جي جاءِ نہ آهي.“ (يعني جيڪو الله پاڪ ڪان نہ ڏِڄندو آهي ان جي حفاظت جي ڪا بہ صورت نہ آهي، اُهو برباد آهي. بس هي جملو پاڻ فرمايائون) اِهو چوندي ئي سندن انتقال ٿي ويو. (الكامل في التاريخ، 3 /370)

الله اڪبر! صحابيءِ نبي، ڪاتبِ وحي حضرت سيدنا امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ دنيا مان ويندي ويندي بہ نيڪيءَ جي دعوت ڏيندا ويا. سندن وفات شريف شام (**Syria**) جي مشهور شهر ”**دمشق**“ ۾ **78** سالن جي عمر ۾ خميس جي ڏينهن، رجب مهيني ۾ سن **60** هجري ۾ ٿي. (فيضانِ امير معاويه، ص: 246)

صحابہ کا گدا ہوں اور اہلِ بیت کا خادِم یہ سب ہے آپ ہی کی تو عنایت یارسولَ اللہ

(وسائلِ بخشش ، ص: 330)

ہر صحابیِ نبی! جنّتی جنّتی سب صحابیات بھی! جنّتی جنّتی
چار یارانِ نبی جنّتی جنّتی حضرتِ صدّیق بھی جنّتی جنّتی
اور عمر فاروق بھی جنّتی جنّتی عثمانِ غنی جنّتی جنّتی
فاطمہ اور علی جنّتی جنّتی ہیں حَسن حُسین بھی جنّتی جنّتی
والدینِ نبی جنّتی جنّتی ہر زوجۂ نبی جنّتی جنّتی
اور ابوسُفیان بھی جنّتی جنّتی ہیں معاویہ بھی جنّتی جنّتی

(وسائلِ فردوس، ص: 53)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# اميراهلِ سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ جو دردِ دل

علم جي گهٽتائي يا ٻين سببن جي ڪري ڪجهہ ماڻهو حضرت امير معاويه رضی اللہ عنہ جي شان ۾ بيجا گفتگو ڪندا رهيا آهن ۽ عُلماءِ حق امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو دفاع ڪندا رهيا آهن.

معاذ الله! اڄ بہ اهڙا ماڻهو موجود آهن جيڪي صرف تاريخي واقعن کي بنياد بڻائي حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا آهن جڏهن تہ هڪ ديني طالبِ علم بہ هن ڳالهہ کي ڄاڻي ٿو تہ قرآن ۽ حديث جي مقابلي ۾ تاريخ نہ ٿي اچي سگهجي.

مون (يعني اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ) کي اهڙن ماڻهن تي رحم ايندو آهي تہ اُهي قيامت جي ڏينهن رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندا ڇو تہ جنهن کي سرڪار ڪاتبِ وحي بڻايو، جنهن جي لِکيل تي اعتبار ڪيو، ان جي پويان پيا آهن، جڏهن تہ ڪاتبِ وحي (يعني وحي لکڻ وارا) صرف هڪ هي نہ هئا ٻيا بہ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم انهن ۾ شامل هئا، قرآن ڪريم جي ڪتابت ۾ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو بہ حصو آهي، اسان سڀ سندن لکيل وحي پڙهندا آهيون، اهڙي قابلِ اعتماد شخصيت جنهن جي لکيل قرآن کي اُمت قبول ڪيو، جنهن تي سموري امت اعتماد ڪري رهي آهي، انهن جي باري ۾ ماڻهو چوندا آهن تہ هي يزيد جو پيءُ هو، تہ پوءِ اهڙا ماڻهو حضرت نوح عَلَیۡہِ السَّلَام بابت ڇا چوندا؟ ان جو بہ هڪ پٽ هو، قرآن فرمايو تہ اهو تنهنجو پٽ ئي نہ آهي، جڏهن طوفانِ نوح آيو تہ اهو پٽ چوڻ لڳو تہ مان جبل تي چڙهي پاڻ کي بچائي وٺندس، جيئن تہ جبل تي چڙهي غار ۾ وڃي لِڪيو، پاڻي اتي پهتو ۽ اتي ئي ڪيس غرق ڪري ڇڏيائين. ان تي معاذ الله ڪو نوح

عَلَيۡهِ السَّلَام کي چوي تہ توهان ان جي تربيت چو نہ ڪئي؟ معاذالله! جيڪڏهن پٽ خراب هجي تہ ان جي ڪري سندس پيءُ کي گھٽ وڌ ڳالهائڻ توبهہ اَسۡتَغۡفِرُ الله.

حضرت امير مُعاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو بيشڪ يزيد پٽ هو، پر پليت ۽ نالائق هو، اسان يزيد کي سٺو چوندا ئي نہ آهيون، البت حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي ڪجھہ بہ نہ چئجي بلڪ سندن شان بيان ڪجي. اسان حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان افضل نہ مڃيندا آهيون.

## مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جنگ ۾ حق تي هئا

مسلمانن جي چوٿين خليفي، مولىٰ علي ۽ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا جي وچ ۾ جنگ ٿي، ان جنگ ۾ ٻنهي پاسي صحابہ هئا، انهن مان ڪو بہ ڪنهن جو دشمن نہ هو، ڪنهن کي بہ ڪنهن سان بغض نہ هو ۽ ٻنهي پاسي جيڪي قتل ٿيا اُهي شهيد هئا پر حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ان جنگ ۾ حق تي هئا ۽ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ خطا تي هئا پر اِها خطا اجتهادي هئي، چو تہ اُهي مُجۡتَهِد هئا، مُجۡتَهِد تمام وڏو عالم هوندو آهي ۽ مُجۡتَهِد کي خطا تي بہ هڪ اجر ملندو آهي ۽ اجتهادي خطا ۾ ڪنهن کي برو نہ چيو ويندو آهي، جيڪڏهن ائين هجي تہ پوءِ فقہ جا مشهور چار امام جن جو پاڻ ۾ فقهي مسئلن (مثلاً نماز ۽ وضو وغيره بابت ڪيترن ئي احڪامن) ۾ اختلاف آهي، دين جو عِلم رکڻ وارو انهن مان ڪنهن کي بہ برو پلو ناهي چوندو. اهڙي طرح حضرت امير مُعاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان ان معاملي ۾ اجتهادي خطا ٿي هئي، مولىٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ حق تي هئا پر ان ڪري

امير معاويہ کي برو چوڻ فِسق (يعني گناهہ) آهي. فَسادٌفِی الۡاِعۡتِقاد فَسادٌفِی الۡعَمل (يعني عقيدي جو خراب هجڻ عمل جي خراب هجڻ) کان وڌيڪ خطرناڪ هوندو آهي، اسان اهلِ سنت وارا صحابہءِ ڪرام ۽ اهلِ بيتِ اطهار جي طفيل اهلِ جنت آهيون.

هي ڳالهيون ياد رکو ان شاء الله ڪوبہ توهان کي ورغلائي نہ سگهندو. پنهنجو ذهن بڻائي ڇڏيو تہ!

"ہر صحابی نبی جنّتی جنّتی"

ان ۾ حضرت معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ بہ اچي ويا.

## منقبت چولِکي؟

مون (يعني اميرِ اهلِ سنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه) کي ڪنهن مشورو ڏنو تہ توهان حضرت معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي شان ۾ ڪا منقبت نہ لکي آهي، مون کي جذبو مليو تہ مون ٻاوِيهين (22) رجب تي لکڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجا اشعار مون لکي ورتا. امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي شان ۾ منهنجي هيءَ پهرين منقبت آهي، جنهن مشورو ڏنو الله پاڪ ان کي بہ جزاءِ خير عطا فرمائي. اَلحَمۡدُلله! مون کي حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ سان صحابيءِ رسول هجڻ جي ناتي محبت آهي، اُهي اسان جا محسن آهن چو تہ قرآن ڪريم اسان تائين پهچائڻ انهن جو بہ ڪردار آهي، جنهن کي انهن سان اختلاف آهي، جيڪو انهن کي نہ ٿو مڃي، اهو ڀيو قرآن شريف ڪٿان آڻيندو؟ سيني صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم هن قرآن ڪريم کي مڃيو آهي، ان ۾ ڪا هيرڦير نہ آهي. الله پاڪ فرمايو آهي:

﴿ اِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَ اِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ۝۹ ﴾ (پارو: 14، الحجر: 9)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** بيشڪ اسان ھن قرآن کي نازل ڪيو آھي ۽ بيشڪ اسان پاڻ ان جا نگھبان آھيون.

قرآن ڪريم جي ھڪ ھڪ حرف تي ايمان آڻڻ ضروري آھي، جيڪو ھڪ حرف جو بہ انڪار ڪندو اھو ڪافر آھي، الله پاڪ ان جي حفاظت جو ذمو ڪنيو آھي، الله پاڪ اسان جو ايمان سلامت رکي.

## مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ سان محبت

اَلحَمدُلله! مون جڏھن کان ھوش سنڀاليو آھي تڏھن کان مان مولیٰ علي، بيبي فاطمہ، حسنين ڪريمين رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي چاھڻ وارو آھيان. خدا جو قسم! مون کي حضرت علي سان ايترو تہ پيار آھي ايترو تہ پيار آھي جو جيڪڏھن مون کي ٹُڪرا ٹُڪرا ڪري منھنجي رَتُ ڪڍي وجي تہ منھنجي خون جو ھڪ ھڪ قطرو علي علي چوندو.

## معاويہ جي چھن اکرن جي نسبت سان امير معاويہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جا 6 فرمانَ

﴿1﴾ ماڻھن کي محروم ڪرڻ کان بچندا رھو چوتہ اھڙي عادت ماڻھوءَ جي مُروَت (يعني غيرت، شرم ۽ حيا) کي ختم ڪري ڇڏيندي آھي ۽ شريف ماڻھوءَ کي رُسوا ڪري ڇڏيندي آھي.

(انساب الاشراف: 33/5)

﴿2﴾ جيڪو ماڻھو تجربن مان فائدو حاصل نہ ڪندو آھي اھو بلند مقام حاصل نہ ڪري سگھندو آھي. (احياءَ العلوم: 230/3)

﴿3﴾ غور، فڪر ۽ احتياط سان ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو ڪامياب ٿيندو آهي. (تاريخ ابن عساکر: 189/59)

﴿4﴾ جڏهن انسان جي دل مان خوفِ خدا نڪري ويندو آهي ته تعريف ڪرڻ وارا به ان جي برائي ڪرڻ لڳندا آهن. (انساب الاشراف: 36/5)

﴿5﴾ انسان کي ملڻ وارين شين مان سڀ کان بهتر شيون عقل ۽ حلم (يعني نرمي، بردباري ۽ قوتِ برداشت) آهن. جو ته اهڙي ماڻهوءَ کي جيڪڏهن ڪا نصيحت ڪئي وڃي ته قبول ڪندو آهي، جڏهن ان کي ڪجهه ملندو آهي ته الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندو آهي، مصيبت ۾ مبتلا ٿي وڃي ته صبر ڪندو آهي، ڪاوڙ ڪائي ويندو آهي، بدلو وٺڻ جي طاقت هوندي به معاف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ڪنهن سان برائي ڪري ويهي ته ڪانئس معافي گهرندو آهي. (انساب الاشراف: 46/5) "**برائي ڪري ويهي**" يعني اڻڄاڻائي ۾ برائي ٿي وڃي، اهو مطلب نه آهي ته ڄاڻي واڻي ڪنهن کي ماري ۽ Sorry چئي ڇڏي. ڪنهن جو حق ضايع ٿي ويو، ڪنهن کي ڌِڪو لڳي ويو، ڪنهن کي ڪُلهو لڳي وڃي ته ماڻهو فوراً معافي گهري وٺي. ياد رکو! حقوق العباد (يعني ٻانهن جا حق) دنيا ۾ اسان پُورا ڪيا ته عافيت آهي نه ته آخرت ۾ نيڪيون ڏيڻيون پونديون، ان جي باوجود به جيڪڏهن حق ادا نه ڪري سگهياسين ته سامهون واري جا گناهه پنهنجي سِرَ تي ڪڻڻا پوندا، قيامت جو معاملو تمام گهڻو سنگين آهي. الله پاڪ اسان جي بي حساب بخشش فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## ماڻهو مشوَرو ڏيڻ جي قابل ڪڏهن ٿيندو آهي

﴿6﴾ "ماڻهو تيسيتائين راءِ (يعني مشورو) ڏيڻ جي قابل نه ٿيندو

آهي جيستائين ان جو حِلم (يعني نرمي، بردباري، قوتِ برداشت) سندس جهالت تي ۽ ان جو صبر سندس خواهش تي غالب نہ اچي وڃي ۽ ان مقام تائين انسان علم جي قوت کان سواءِ نہ ٿو پهچي سگهي.“ (احياءَ العلوم: 220/3)

اي عاشقانِ رسول! هن ڳالهہ کي هن ريت سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو تہ جيڪڏهن ڪنهن مشورو ڏنو ۽ سندس مشورو قبول نہ ڪيو ويو جنهن ڪري ڪيس ڪاوڙ اچي ويو ۽ ان چيو تہ منهنجي مشوري تي عمل ڇو نہ ڪيو ويو؟ تہ اهڙو شخص دراصل مشورو ڏيڻ جو اهل ئي نہ آهي، معاشري ۾ ڪيترائي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي پنهنجي ڳالهہ کي چوندا تہ مشورو آهن پر سمجهندا حڪم آهن.

# بغير گُهرڻ جي مشورو ڏيڻ

شايد مون کي بنا گهرڻ جي هزارين مشورا مليا هجن. دعوتِ اسلامي جي شروعات وارن ڏينهن ۾ ماڻهو رستي ۾ روڪي روڪي بنا گهرڻ جي مشورا ڏيندا هئا، هڪ دفعي هڪ شخص آيو اچي چيائين تہ فلاڻي هنڌ (شايد پنجاب جي ڪنهن شهر جو نالو ورتائين تہ اُتي) دعوتِ اسلامي جي ڪم جي تمام گهڻي ضرورت آهي، توهان اتي قافلو وٺي وڃو! مان انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ جي علائقي ڪارادر جي شهيد مسجد ۾ امامت ڪرائيندو هيس، مون کين چيو تہ اوهان گڏ هلندا؟ تہ اهو شخص چوڻ لڳو: مون وٽ ٽائيم نہ آهي. اهڙن ماڻهن وٽ صرف مشورو ڏيڻ جو ٽائيم هوندو آهي ۽ اهو بہ بنا گهرڻ جي.

کَکري گرائونڊ (کارادر، ڪراچي) ۾ جن ڏينهن ۾ اجتماع ٿيندو هو، هڪ شخص مون کي چيو تہ ”توهان اجتماع گاهہ جي ٻاهر دروازي

تي كا پيتِي وغيره رکي کجھ ماڻھو بيھاري ڇڏيو تہ جيکو بہ اجتماع ۾ داخل ٿيڻ چاھي ٿو تہ اھو ھڪ روپيو چندو ڏئي تہ ان سان چندو بہ ملي ويندو ۽ اچڻ وارن جو تعداد بہ معلوم ٿي ويندو.“

اُن مشوري تي ان کري بہ عمل نٿي ٿي سگھيو جو ”ديني اجتماع ۾ داخل ٿيڻ جو زبردستي کنھن کان روپيو وٺڻ شرعاً جائز نہ آھي. جيکڏھن مان اُن مشوري تي عمل کري وٺان ھا تہ غير شرعي کم سان گڏوگڏ ھي بہ ٿئي ھا تہ ماڻھو دانھون کندا واپس ھليا وجن ھا تہ اسان اجتماع ۾ نہ ٿا اچون.

کيترائي ماڻھو مون کي ڊگھا ڊگھا خط لکي مشورا ڏيندا ھئا ۽ کيترائي حکم ناما جاري کندا ھئا تہ ھيئن ٿيڻ گھرجي يا ھيئن کريو. جيکڏھن مان ناتجربيکار ۽ ھر ايندڙ ويندڙ شخص جي مشوري تي عمل کريان ھا تہ اڄ دعوتِ اسلامي جو جيترو کم دنيا ۾ الله پاڪ جي رحمت سان پکڙيل آھي شايد ايترو نہ پکڙجي ھا ۽ نہ ئي مدني چينل جون بھارون دنيا ۾ ھجن ھا، ڇو تہ مون کي ملڻ وارا کيترائي مشورا، مشورو ڏيڻ وارن جي تجربي کان ٻاھر ھوندا ھئا، جڏھن تہ مون پنھنجي کم جي جڏھن شروعات کئي تہ خبر پئي تہ ماڻھن کي کيئن ڊيل کجي. مثال طور جيکڏھن کو ناتجربيکار مزدور، سيٺ يا دکاندار کي چئي تہ گراھڪ سان مُنھن سُجائي ڳالھايو! تہ اوھان ئي ٻڌايو تہ ائين کرڻ سان گراھڪ کيئن مطمئن ٿيندو؟ پر تجربيکار دکاندار گراھڪ کي مطمئن کرڻ جي لاءِ ھن ريت ڳالھائيندو تہ ”ادا ياءُ! پليز، سر سر، جناب“ وغيره. مون ھي مثال سمجھائڻ جي لاءِ ڏنو آھي تہ مون کي پنھنجي کم جو تمام گھڻو تجربو ھو، تنھن ھوندي بہ کجھ ماڻھن جا مشورا جيکي سمجھ ۾ ايندا ھئا تہ مان قبول کري وٺندو ھئس. بھرحال

اسان ديني ڪم ڪندي ڪندي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پهچي ويا آهيون ۽ الله جي رحمت سان آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي پويان پويان ان شاءالله جنت ۾ به ويندا سين.

## منقبتِ امیر معاویہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ

رب کی ہو تم پہ ہر گھڑی رحمت معاویہ
اور مصطفٰی کی نظرِ عنایت معاویہ

دل میں ہے میرے آپ کی الفت معاویہ
یہ ہے خدا کی مجھ پہ عنایت معاویہ

مولا علی کا تم نے ہمیشہ اَدب کیا
کرتے رہے علی بھی ہیں شفقت معاویہ

نامِ معاویہ پہ بھی بے جاہے اعتراض
فرمایا خود نبی نے سَماعت معاویہ

بے شک معاویہ سے ہے بَرتَر علی کی شان
رکھتے نہیں ہیں ان سی فضیلت معاویہ

پَر یہ زباں درازی کی ہرگز نہیں دلیل
ہرگز نہیں ہیں قابلِ نفرت معاویہ

حق ہے کہ اِجتہادی خَطا جنگ میں ہوئی
حیدر ہی حق پہ تھے نہ کہ حضرت معاویہ

پَر ہیں صحابہ وعدۂ حسنٰی میں سب کے سب
حضرت علی ہوں یاکہ ہوں حضرت معاویہ

دونوں جہاں میں اس کا تو بیڑا ہی پار ہے
تم سے ہے جس کو سچّی محبّت معاویہ

فضلِ خدا سے وہ نہ جہنم میں جائے گا
ہے دل میں جس کے آپ کی عزّت معاویہ

ہو جائے مجھ کو خیر سے دیدار آپ کا
کھل جائے کاش میری بھی قسمت معاویہ


عشقِ نبی میں کاش میں تڑپا کروں سَدا
ایسی نگاہ کیجئے حضرت معاویہ

ایماں پہ موت آئے مدینے میں خیر سے
کردو دُعا خدا سے یہ حضرت معاویہ

عطّار کو تمہاری غلامی پہ ناز ہے
محشر میں کام دے گی یہ نسبت معاویہ

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net